# وڏن جو احترام ڪريو

## هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾
## ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

23-February-2017

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# وڏن جو احترام ڪريو

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جيڪو مون تي جُمُعي جي ڏينهن ۽ رات ۾ سو (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جون سو(100)حاجتون پوريون ڪندو، ستّر(70) آخرت جون ۽ ٽيهہ (30) دُنيا جون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتو مُقَرَّر ڪندو، جيڪو ان دُرودِ پاڪ کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو، جيئن توهان کي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بيشڪ منهنجو علم منهنجي وِصال کان بعد اهڙو ئي هوندو جيئن منهنجي حياتي ۾ آهي. (جمع الجوامع،۱۹۹/۷،حديث:۲۲۳۵۵)

اُن پر دُرود جن کو کسِ بے کساں کہیں اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

(حدائقِ بخشش ص،۲۰۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سني نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀِجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان وڏن جي اَدب ۽ اِحترام بابت مدني گل ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اسان جو پيارو مذهب، دِينِ اسلام اسان کي هن ڳالهه جي تعليم ڏئي ٿو ته جيڪي عُمر، مقام ۽ مرتبي ۾ اسان کان ننڍا آهن، اسان انهن سان شفقت ۽ مَحَبَّت ڀريو ورتاءُ ڪيون ۽ جيڪي عُمر ۾، علم ۾، عُهدي ۽ مَنصَب ۾ اسان کان وڏا آهن انهن جو ادب ۽ اِحترام ڪيون. سڄو ڏينهن اسان جو پنهنجن وڏن سان ڪنهن نه ڪنهن ذريعي سان رابطو ضرور رهندو آهي، اسان جي وڏن ۾ ماءُ ڀيءُ، چاچو، ماسڙ، مامو، وڏا

پيڻ پائر ۽ ٻيا رشتيدار، استاد، پيرومُرشد ۽ عُلما و مَشائخ ۽ سمورا مرتبي وارا ماڻھو شامل آهن. اسان کي انهن جي تعظيم ۽ تڪريم ڪرڻ جو حڪم اسان جي پياري پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو آهي ، اچو! هن باري ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٻہ فرمان ٻڌون ٿا:

1. وَقِّرِالْکَبِیْرَ وَ ارْحَمِ الصَّغِیْرَ تُرَافِقُنِیْ فِی الْجَنَّة يعني وڏن جي تعظيم وتوقير ڪيو ۽ ننڍن تي شَفقت ڪريو، توهان جنَّت ۾ منهنجي رفاقت ماڻي وٺندو.
(شعب الايمان،باب في رحم الصغيرو توقير الكبير، ۴۵۸/۷ ،حديث:۱۰۹۸۱)

2. توهان پنهنجي مجلسن کي عالم جي علم، وڏن جي عمر ۽ سُلطان جي عُهدي جي ڪري ڪشاده ڪندا ڪيو.
(كنزالعمال، كتاب الصحبه من قسم الاقوال ،باب الايمان ،ج۹، رقم ۲۵۴۹۵، ص۶۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ پنهنجن وڏن جي عزّت ۽ تعظيم ڪرڻ نجات جو سبب ۽ جنَّت ۾ نبي ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رفاقت جو سبب آهي، اسان جا اَسلاف پنهنجي بُزرگن جو ڪيتري قدر ادب ۽ اِحترام ڪندا هئا، اچو! ان جي هڪ جهلڪ مُلاحَظ ڪريون، جيئن

## والده جو ادب

شيخِ طريقت ،اميراهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”ساموندي گنبذ“ صفحي 4 تي هڪ حڪايت نقل ڪئي آهي، اچو! هن حڪايت کي انتهائي توجھ سان ٻڌو ۽ ماءُ جون دُعائون وٺڻ جي ڪوشش ڪيو، جيئن

حضرتِ سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: سياري جي هڪ سخت رات منهنجي امڙ مون کان پاڻي گهريو، پاڻي جو گلاس ڀري ڪٽي آيس پر اَمڙ کي ننڊ اچي چڪي هئي، مون جاڳائڻ مناسب نہ سمجهيو پاڻي جو گلاس ڪٽي

انهي انتظار ۾ تہ سجاڳ ٿين تہ پاڻي پيش ڪيان، بيهي بيهي گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ گلاس جو ڪجهہ پاڻي وهي منهنجي آڱر تي برف بڻجي ويو هو، بهرحال جڏهن منهنجي اَمڙ بيدار ٿي تہ مون پاڻي پيش ڪيو برف جي ڪري منهنجي چمي ويل آڱر جيئن گلاس کان جدا ٿي تہ ان جي کل بہ جدا ٿي وئي ۽ رت وهڻ لڳو، ماءُ هي ڏسي فرمايو: هي ڇا ؟ مون سچي حقيقت بيان ڪئي تہ انهن هٿ کڻي دعا ڪئي: اي الله عَزَّوَجَلَّ! آءُ هن کان راضي آهيان تون بہ هن سان راضي رهجان. (نزهة المجالس ۲۶۱/۱)

مُطیع اپنے ماں باپ کا کر میں انکا
ہر اک حکم لاؤں بجا یاالٰہی

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ حضرتِ سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪيتري خُوبصورت انداز ۾ پنهنجي امڙ جو احترام ڪيو، اُنهن ننڊ مان بيدار ڪرڻ مُناسب نہ سمجهيو ۽ امڙ جي ادب جي ڪري سخت سيءَ ۾ سڄي رات بيهي گُذاري ڇڏي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي هن اَدا سان خُوش ٿي سندن والده محترمہ دل سان دُعا ڏني تہ ”اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان ان سان راضي آهيان تون بہ هن سان راضي رهجان.“ اسان کي بہ پنهنجن بُزرگن جي ادب ڀري انداز کي اپنائيندي والدين جو ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي ڇوتہ ماءُ پيءُ جي عزّت ڪرڻ، انهن جي خدمت ڪرڻ يقيناً وڏي سعادت جي ڳالھ آهي. جيڪڏهن اسان انهن سان بهتر روّيي سان پيش ايندا سين، انهن جي عزّت ڪندا سين تہ ٿي سگهي ٿو تہ خوش ٿي انهن جي دل مان اسان جي لاءِ ڪا اهڙي دُعا نڪري جو اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جو سبب بڻجي وڃي. دِينِ اسلام اسان کي والدين سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ ۽ انهن سان اِنتهائي نرم لهجي ۾ گُفتگو ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. جيئن سيپاري 15 سُوره بني اسرائيل جي آيت نمبر23، 24

۾ ارشادِ رَبُّ الاَنام آهي:

بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَ اخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو جيڪڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهاپ کي پهچي وڃن تہ انهن کي اُف (هون) نہ چئجان ۽ نہ انهن کي جهڙڪ ۽ انهن سان ڳالهہ تعظيم واري ڳالهاءِ ۽ انهن جي واسطي عاجزي جا پر وڇاءِ، نرم دلي سان عرض ڪر اي منهنجا رب تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ مُبارڪ جي تفسير ۾ آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي عبادت جو حڪم ڏيڻ کان بعد ان سان گڏ ئي ماءُ پيء سان سنو سُلُوڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو، هن ۾ حڪمت هي آهي تہ انسان جي وُجود جو حقيقي سبب الله تعاليٰ جي تخليق ۽ ايجاد آهي جڏهن تہ ظاهري سبب ان جا ماءُ پيءُ آهن ان ڪري الله تعاليٰ پهريان انساني وُجُود جي حقيقي سبب جي تعظيم جو حڪم ڏنو، پوءِ ان سان گڏوگڏ ظاهري سبب جي تعظيم جو حڪم ڏنو، آيتِ مُبارَڪ جي معنيٰ هي آهي تہ توهان جي رَبّ عَزَّوَجَلَّ حڪم فرمايو تہ توهان پنهنجي والدين سان نهايت سٺي طريقي سان نيڪ سُلُوڪ ڪيو ڇوتہ جهڙي طرح والدين جو توهان تي نهايت عظيم احسان آهي تہ توهان تي بہ لازم آهي تہ توهان بہ انهن سان اهڙي طرح نيڪ سُلُوڪ ڪريو. (صراطُ الجنان،ج۵،ص۴۴۰) جيڪڏهن توهان جي والدين تي ضعيفي جو غلبو اچي ۽ انهن جي عضوئن ۾ طاقت نہ رهي ۽ جيئن توهان ننڍپڻ ۾ انهن وٽ بي طاقت هئاءِ ائين ئي اهي پنهنجي آخري عمر ۾ توهان وٽ ڪمزور رهجي وڃن تہ انهن کي اُف تائين نہ چئجو يعني اهڙو ڪو لفظ زبان مان نہ ڪيجو، جنهن سان اهو سمجهيو وڃي تہ انهن طرفان طبيعت تي ڪجهہ بوجهہ آهي ۽ انهن کي نہ

جهٽڪ ڏيو ۽ انهن سان خُوبصورت، نرم ڳالهه ڪريو ۽ حُسنِ ادب سان انهن سان ڳالهائجو. (خازن، الاسراء ، تحت الآية: ٢٣، ٣/١٧٠-١٧١,صراط الجنان ،ج ۵،ص ۴۴٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمہ ۾ ان جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ والدين سان حُسنِ سُلوڪ جو حڪم ڏنو آهي ۽ خاص ڪري انهن جي پوڙهائپ ۾ وڌيڪ خدمت ڪرڻ جي تاڪيد فرمائي آهي، يقيناً اسان جي والدين جا اسان تي بيحد اِحسان آهن، اُنهن پيدائش کان پوءِ اسان جي سٺي پرورش ڪئي، جيڪڏهن بيمار ٿياسين تہ سڄي سڄي رات جاڳي پنهنجي ننڊ جي قُرباني ڏني، اسان کي حلال رِزق کارايو پيئاريو، اعليٰ تعليم يا ڪو هنر سکائڻ جي لاءِ فيسون اَدا ڪيون، سڄي زندگي اسان جي سُک چين جي لاءِ پاڻ ڏُک برداشت ڪيا، اسان جي مُشڪل حالتن ۾ پنهنجي اِستطاعت مطابق اسان جو ساٿ نڀايو، مطلب تہ اسان والدين جا جيترا اِحسان شُمار ڪندا وڃون، هر هڪ ۾ ماءُ پيءُ جون قربانيون ئي نظر اينديون. اسان کي بہ کپي تہ احسان جو بدلو احسان ذريعي ڏيندي انهن جي پوڙهائپ ۾ انهن سان سٺو ورتاءُ ڪيون، توڙي جو انهن جون ڳالهيون مزاج جي خِلاف هجن، مارڪٽ تہ پري رهيو پر انهن کي دڙڪا بہ نہ ڏيون، هر وقت شفقت ۽ محبت سان پيش اچون، انهن جي کائڻ پيئڻ جو خيال رکون، انهن وٽ ويهي انهن جي دل وندرائڻ جي ڪوشش ڪيون، بيمار ٿين تہ بهتر علاج ڪرايون، جيڪڏهن ملڪ کان ٻاهر هجون تڏهن بہ پنهنجي دُوريءَ جو احساس نہ ڏياريون، فون تي ڳالهه ڪيون جديد ٽيڪنالوجي مان فائدو کڻندي انٽرنيٽ جي ذريعي ويڊيو ڪال تي انهن جي زيارت ڪيون، پوڙهائپ ۾ ماءُ پيءُ ٻارن جهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن وڏپڻ ۾ بستر تي ئي بَول و بَراز (يعني گندگي) ڪندا آهن جنهن جي ڪري عموماً اولاد بيزار ٿيندو آهي، پر ياد رکو! اهڙي حالت ۾ بہ والدين جي خدمت لازمي آهي، ننڍپڻ ۾ ماءُ بہ آخر ٻار جي گندگي برداشت ڪندي آهي، پوڙهائپ ۾

بيمارين سبب ماءُ پيءُ ۾ ڪيتري بہ چِڙ جي عادت ٿئي، عقل ويندو رهي، گهٽو هُل ڪن، بنا ڪنهن سبب جي وڙهن، چاهي ڪيترو وڙهن، ۽ پريشان ڪن پر صبر صبر ۽ صبر ئي ڪرڻو آهي ۽ انهن جي عزت ئي ڪرڻي آهي، انهن سان بدتميزي ڪرڻ انهن کي دڙڪا ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ پر انهن کي ”اُف يا اوهہ“ بہ ناهي ڪرڻو نہ تہ بازي هٿن مان نڪري سگهي ٿي ۽ ٻنهي جهانن ۾ تباهي مقدر بڻجي سگهي ٿي ڇوتہ والدين جي دل ڏکائڻ وارو هن دنيا ۾ بہ ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ عذاب جو حقدار هوندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ ماڻهن جي لاءِ عبرت جو نشان بڻجي ويندو آهي، جيئن تہ

## ماءُ جي گستاخ کي زمين زنده ڳهي وئي!

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ هاري جي گهر ۾ سَسُ ۽ ننهن جي وچ ۾ هميشہ اٽبٽت رهندي هئي، ڪيئي ڀيرا هاري جي گهرواريءَ ڪاوڙجي ميڪي هلي وئي ۽ اهو مِنٿ ميڙ ڪري ان کي وٺي آيو، آخري ڀيري گهرواريءَ هاري کي چئي ڇڏيو تہ هاڻي ان گهر ۾ مان رهنديس يا توهان جي ماءُ، هاري پنهنجي گهرواريءَ تي فِدا هو، ان نادان دل ئي دل ۾ طئي ڪيو تہ روز روز جي جهڳڙن جو حل هي آهي تہ ماءُ کي رستي تان هٽايو وڃي، هڪ ڀيري ان ڪنهن حيلي سان ماءُ کي پنهنجي ڪمند جي پوک ۾ وٺي ويو، ڪمند ڪٽيندي ڪٽيندي موقعو ملندي ماء ڏانهن رخ ڪري ان تي ڪهاڙي جو وار ڪرڻ چاهيو ٿئي تہ هڪدم زمين ان هاري جا پير پڪڙي ورتا، ڪهاڙي هٿ مان ڇڏائجي پري وڃي ڪري ۽ ماءُ رڙيون ڪندي ڳوٺ ڏانهن وٺي ڀڄي، زمين آهستي آهستي ان هاري کي ڳهڻ شروع ڪيو، اهو گهبرائي ڪري رڙيون ڪندو رهيو ۽ پنهنجي ماءُ کي پڪاري ڪري معافي گهرندو رهيو پر ماءُ پري وڃي چڪي هئي، ڪجهہ دير ڪان پوءِ جڏهن ماڻهو اتي پهتا اهو چاتي تائين زمين ۾ دٻجي چڪو هو، ماڻهو ان کي ڪيڍڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهيا پر زمين ان کي ڳهندي وئي ايستائين جو اهو زمين جي اندر دٻجي ويو. (نيڪي جي دعوت،ص۴۳۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان والده جي نافرماني ڪرڻ واري جو عبرت ناڪ انجام پڙهيو، اسان جي معاشري ۾ عام طور والده کي تہ ڪجھ قدر اهميت ڏني ويندي آهي پربدقسمتي سان والد صاحب کي بلڪل نظر اندازڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ پيءُ ئي جي بدولت ”ماءُ“ جي نعمت ملندي آهي، سڄي گھر جو معاشي بوجھ اهي پنهنجن ڪلهن تي کڻندا آهن، ننڍڙي ٻار کي اگر مان پڪڙي هلڻ سکاريندا آهن ۽ پوءِ معاشري ۾ ڪنڌ کڻي هلڻ جا گُر ٻڌائيندا آهن. جيڪڏهن ماءُ جي پيرن هيٺ جنّت آهي تہ پيءُ جنت جو درمياني دروازو آهي، پيءُ جي رِضا الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا آهي. اچو پيءُ جي اهميت ۽ فضيلت بابت ٽي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا :

1. والد جي رِضا ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا آهي ۽ والد جي ناراضي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي آهي. (ترمذي ،ڪتا ب البروالصلة، باب ماجاء من الفضل في رضاء الوالدين،٣/ ٣٦٠،حديث: ١٩٠٧)
2. والد جي اطاعت الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت آهي ۽ والد جي نافرماني الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني آهي. (معجم أوسط،٦١٤/١،حديث: ٢٢٥٥)
3. والد جنت جي دروازن مان درمياني دروازو آهي چاهي تہ ان کي ضائع ڪري ڇڏيو ۽ چاهي تہ ان جي حفاظت ڪريو. (ترمذي، ڪتاب البروالصلة ،باب ماجاء من الفضل في رضاالوالدين ،٣ / ٣٥٩،حديث:١٩٠٦)

شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سمجهائيندي مدني تربيت جا مدني گل اِرشاد فرمائن ٿا:

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا
ورنہ ہے اس میں خَسارہ آپ کا

(وسائلِ بخشش ص 713)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو پنهنجي وڏن خاص ڪري والدين کي ناراض ڪري ٿو، انهن جي دل ڏکائي ٿو، انهن جي عزّت نٿو ڪري ۽ انهن سان بُري سُلُوڪ سان پيش اچي ٿو تہ هو شخص سخت گناهگار ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ عذاب جو حقدار ٿي ويندو آهي ۽ اهڙي شخص کي مُعاشري ۾ بہ عزّت جي نگاهہ سان ناهي ڏٺو ويندو. ياد رکو! والدين سان نسبت جي ڪري ڏاڏا، ڏاڏي، نانا، ناني ۽ هر وڏي عمر وارن بزرگن جو بہ احترام اسان تي لازم آهي، ڇوتہ هي اِسلامي مُعاشري جي اِنفرادِيت ۽ خصوصِيت آهي ڇوتہ هي پوڙهن ۽ ضعيفن کي بہ بلندين سان نوازي ٿو، اِسلام ۾ پوڙهن کي بوجھ سمجھي گهران ڪڍڻ ۽ انهن کي ڪنهن "اولڊ هاؤس" (Old House) ۾ جمع ڪرائڻ جو ڪو تصوُّر ناهي، اِسلام جو طُرَّه اِمتِياز آهي تہ ان جوانن کي وڏن سان ادب ۽احترام سان پيش اچڻ ۽ انهن جي عزّت ۽ مرتبي جي حفاظت ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي، آڳاٽي زماني ۾ جڏهن ڪو نوجوان ڪنهن پوڙهي ماڻهو جي اڳيان هلندو هو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي (ان جي بي اَدَبي جي ڪري) زمين ۾ دبائي ڇڏيندو هو.

(روح البيان،۹/۶۲)

هڪ روايت ۾ آهي تہ جيڪو جوان ڪنهن پوڙهي شخص جي ان جي عمر جي ڪري عزت ڪري، ان جي بدلي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جي ذريعي ان جي عزّت افزائي ڪرائيندو آهي."

(ترمذي، ڪتاب البر والصلة ، باب ما جاء في اجلال الكبير ، ج۳، رقم ۲۰۲۹، ص۴۱۱)

اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجن وڏن جو ادب ڪيون، انهن جي حڪم جي فوراً تعميل ڪيون تہ جيئن دنيا ۾ عزّت ماڻڻ ۽ آخرت جي رُسوائي کان پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون. اسان جا بُزرگانِ دين پنهنجن واسطيدارن ۽ چاهيندڙن کي وڏن سان ادب ۽ اِحترام سان پيش اچڻ ۽ انهن جي عزّت ڪرڻ جي نصيحت ڪندا هئا، جيئن

## وڏن جو ادب ڪرڻ جي نصيحت:

امامِ اعظم ابُوحنيفہ حضرت نُعمان بن ثابت رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي هڪ شاگرد حضرتِ سيدُنا يوسُف بن خالد بصري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ علم مڪمل ڪرڻ ڪان بعد جڏهن ڪائنس پنهنجي شهر بصره وڃڻ جي اجازت گهري تہ پاڻ فرمايائون: ڪجھ ڏينهن ترسو تہ جيئن مان توهان کي انهن ضروري معاملن جي باري ۾ وصيت ڪيان، ماڻهن سان مُعاملات ڪرڻ، علم وارن جا مرتبا سڃاڻڻ، نَفس جي اِصلاح ۽ ماڻهن جي نگهباني ڪرڻ، عوام ۽ خواص کي دوست رکڻ ۽ عام ماڻهن جي حالتن ڪان آگاهي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جنهن جي ضرورت پوندي آهي، ايستائين جو جڏهن توهان علم حاصل ڪري وڃو تہ اها وصيت توهان سان گڏ اهڙي آلي (اوزار) جيان هجي، جنهن جي علم کي ضرورت پوندي آهي ۽ اها علم کي مُزين ڪري ۽ ان کي عيب دار ٿيڻ ڪان بچائي." جڏهن توهان بصره ۾ داخل ٿيندا تہ ماڻهو توهان جي اِستقبال ۽ توهان جي زيارت لاءِ ايندا، توهان جو حق سڃاڻيندا تہ توهان هر شخص کي ان جي مرتبي جي لحاظ ڪان عزّت ڏجو، شريفن جي عزت ۽ علم وارن جي تعظيم ۽ توقير ڪجو، وڏن جو ادب و احترام ۽ ننڍن سان پيار و مَحَبَّت ڪجو.

(امام اعظم کي وصيتين ،ص۲۵ تا ۲۷)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ ڪروڙين حنفين جي عظيم پيشوا امامِ اعظم ابُو حنيفہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ پنهنجي شاگرد کي نصيحت ڪندي وڏن جو اِحترام ڪرڻ ۽ ننڍن سان شفقت ۽ مَحَبَّت سان پيش اچڻ جو حڪم فرمايو آهي. ياد رهي تہ بُزرگن جو اَدب ڪرڻ وارو نہ صرف مُعاشري ۾ مُعزَّز سمجهيو ويندو آهي بلڪ بعض اوقات وڏن جي ادب ۽ احترام جي سبب وڏن وڏن گُنهگارن جي بخشش ۽ مغفرت بہ ٿي ويندي آهي، جيئن

## ولي الله جي ادب جي برڪت سان بخشجي ويو

هڪ ڀيرو هڪ گناهگار شخص دريا جي ڪناري تي ويهي هٿ مُنهن ڌوئي رهيو هو، انهيءَ دوران لکين حنبلين جي عظيم پيشوا امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه اتي تشريف فرما ٿيا ۽ ان کان ڪجهه فاصلي تي ويهي وضو ڪرڻ لڳا، جڏهن ان شخص ڏٺو ته جنهن پاسي منهنجي هٿ مُنهن وارو پاڻي وڃي رهيو آهي، ان پاسي ته الله عَزَّوَجَلَّ جا هڪ نهايت وڏا ولي ويهي وضو ڪري رهيا آهن، ته ان جي دل اها ڳالهه پسند نه ڪئي ۽ هو شخص اٺي امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه جي ٻي پاسي وڃي ويهي رهيو، جتي پاڻ جن جي وضو جو اِستعمال شده پاڻي ان ڏانهن اچي رهيو هو، الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي ادب ۽ احترام جو صِلو ان شخص کي اهو مليو ته جڏهن ان شخص جو انتقال ٿيو ۽ ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏسي حال معلوم ڪيو ته ان ٻڌايو ته الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ولي حضرت سَيدُنا امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه جي ادب جي برڪت سان مون کي بخشي ڇڏيو. (تذکرة الاولياء ،ج۱،ص۱۹۶)

کروں عالموں کی کبھی بھی نہ توہین
بنا دے مجھے با اَدب یا اِلٰہی

(وسائلِ بخشش،ص108)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وڏن جو ادب ۽ احترام جتي گنهگارن جي آخرت ۾ نجات جو سبب بڻجندو آهي، اتي انهن جي شان ۾ ننڍڙي ٻي اَدبي هميشه جي نُقصان ۽ عملن جي بربادي جو سبب به بڻجي سگهي ٿي، ڇوته پنهنجن وڏن جي بي ادبي ڪرڻ شيطان جو ڪم آهي ۽ هو ان ڪري بارگاهِ اِلٰهي مان ذليل ۽ رُسوا ٿي ڌڪاريو ويو جڏهن ته ان کان اڳ ۾ شيطان سَرڪش ۽ نافرمان نه هو بلڪ ان هزارين سال عبادت ڪئي، جنّت جو خزانچي رهيو، هو جِنّ هو پر پنهنجي عبادت، رِياضت ۽ عِلميت جي سبب مُعَلِّمُ المَلَڪوت يعني ملائڪن

جو اُستاد بڻجي ويو، پر جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي حضرت سَيدُنا آدم عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي شان ۾ بي ادبي جو مُرتڪب ٿيو تہ ان جي سالن جون عبادتون بي ڪار ۽ هزارين سالن جون رِياضتون ضايع ٿي ويون، ذِلّت ۽ رُسوائي ان جو مُقدَّر بڻجي وئي، هميشہ هميشہ جي لاءِ لعنت جو ڳٽ ان جي ڳچي ۾ پئجي ويو ۽ هو جهنّم جي دائمي عذاب جو حقدار ٿيو.

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

(وسائلِ بخشش،ص315)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ وڏن جي بي اَدَبي ڪرڻ ۾ سراسر اسان جو ئي نُقصان آهي ۽ انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ ۾ اسان جو ئي فائدو آهي، ڪنهن عربي شاعر ڪهڙو نہ بهترين چيو آهي

مَاوَصَلَ مَنْ وَصَلَ اِلاَّ بِالْحُرْمَةِ وَمَا سَقَطَ مَنْ سَقَطَ اِلَّا بِتَرْكِ الْحُرْمَةِ

يعني جنهن جيڪو ڪجھ ماڻيو اَدب ۽ احترام ڪرڻ جي ڪري ماڻيو ۽ جنهن جيڪو ڪجھ وڃايو ان اَدب ۽ احترام نہ ڪرڻ جي سبب ئي وڃايو.

يقيناً جيڪي ماڻهو پنهنجن وڏن جي عزّت ۽ عظمت کي تسليم ڪندي دل سان انهن جو احترام ڪندا آهن تہ معاشري ۾ عزّت ۽ وقار جي نگاهہ سان ڏٺا ويندا آهن، ماڻهن جي دلين ۾ انهن جي مَحَبَّت پيدا ٿيندي آهي ۽ ان طرح انهن جي متعلقين ۾اضافو ٿيندو آهي۽ هڪ وقت اهڙو ايندو آهي جو وڏن جو ادب ڪرڻ وارا سڄي دنيا ۾ مُعزَّز ٿي ويندا آهن. اسان جي وڏن ۾ اسان جا استاد سڳورا بہ شامل آهن اسان جا بزرگ پنهنجن اُستادن جو بي حد ادب ۽ احترام ڪندا هئا، انهن جي موجودگي ۾ نگاهون جُهڪائي، خاموشي سان

علم پرائيندا هئا ۽ ڪي تہ پنهنجي استاد صاحب جو ايتري قدر ادب ڪندا هئا جو انهن جي زندگي ۾ ڪو مسئلو ٻڌائڻ بہ بي ادبي تصور ڪندا هئا، اچو ان باري ۾ بہ واقعا ٻڌون ٿا، جيئن

## امام حسين جو درس وارو حلقو

حضرتِ سيدنا اميرِ مُعاويہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي علمي مجلس جي واکاڻ ڪندي هڪ قريشي کي فرمايائون: مسجدِ نبوي ۾ وڃو، اتي هڪ حلقي ۾ ماڻهو بلڪل خاموش ٿي ائين با ادب ويٺل هوندا ڄڻ تہ انهن جي مٿن تي پکي ويٺل آهن، سمجهي وٺجو اها ئي حضرت سيدنا امام ابوعبدالله حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي مجلس آهي. وڌيڪ فرمايائون: ان حلقي ۾ مذاق مسخري ٺالي جي ڪا شيء نہ هوندي.

(تاريخ ابن عساکر ،حسين بن علي بن ابي طالب ، ۱۷۹/۱۴ملخصاً)

اهڙي طرح حضرت سهل بن عبدُالله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کان ڪٿي سوال ڪيو ويندو هو، تہ پاڻ پاسو ڪندا (يعني جواب نہ ڏيندا) هئا. هڪ ڀيري اوچتو پٺ کي ٽيڪ لڳائي ويهي رهيا ۽ ماڻهن کي فرمايائون: "اڄ جيڪو ڪجهہ پُڇڻ چاهيو، مون کان پڇي وٺو." ماڻهن عرض ڪيو، "اڄ ڪهڙو ماجرو آهي؟ پاڻ تہ ڪنهن سوال جو جواب ئي نہ ڏيندا هئا؟" فرمايائون: "جيستائين منهنجا اُستاد حضرت ذُوالنُّون مصريرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه حيات هئا، سندن ادب جي ڪري جواب ڏيڻ کان پاسو ڪندو هئس."

ماڻهن کي ان جواب سان وڌيڪ حيرت ٿي ڇوتہ انهن جي علم جي مُطابق حضرت ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه اڃا حيات هئا. بهرحال پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي ان جواب جي ڪري هڪدم وقت ۽ تاريخ نوٽ ڪئي وئي. جڏهن بعد ۾ معلومات ورتائون، تہ خبر پئي تہ سندن جي گفتگو کان ٿورو اڳ ئي حضرت ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن جو انتقال ٿي ويو هو۔ (تذکرة الاولياء،ج۱،ص ۲۲۹)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ پنهنجن استادن سڳورن سان ادب واحترام سان پيش اچڻ گھرجي ڇوتہ اسان تي انهن جا وڏا احسان آهن جو اهي علم جي ذريعي اسان ۾ شعور بيدار ڪن ٿا، چڱي بُري جو فرق سيکارين ٿا، مُعاشري جو اَهم فرد بڻائن ٿا، اخلاق ۽ ڪردار کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، حضرت ابنِ مبارَڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان کي گھڻو علم حاصل ڪرڻ جي مقابلي ۾ ٿورو ادب حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

(الرسالة القشيرية ،باب الادب ، ص ٣١٧)

اعليٰ حضرت مجددّ دِين وملّت،امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه اُستاد جو ادب سيکاريندي ارشاد فرمائن ٿا :

(1) (شاگرد کي کپي تہ) اُستاد کان پهريان گفتگو شُروع نہ ڪري. (2) سندن جڳھ تي سندن غيرموجودگي ۾ بہ نہ ويهي. (3) هلڻ مهل ان کان اڳيان نہ وڃي . (4) پنهنجي مال مان ڪنهن شيءِ سان اُستاد جي حق ۾ بخل (ڪنجوسي) کان ڪم نہ وٺي يعني جيڪو ڪجھ ان کي گھرجي خوشي سان حاضر ڪري ڇڏي ۽ ان جي قبول ڪرڻ ۾ ان جو احسان ۽ پنهنجي سعادت تصور ڪري. (5) ان جي حق کي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ تمام مسلمانن جي حق کان مُقدَّم رکي. (6) ۽ توڙي جو استاد کان هڪ ئي اکر پڙهيو هجي، ان جي اڳيان عاجزي جو اظهار ڪري. (7) جيڪڏهن هو گھر ۾ هجي تہ ٻاهران کان دروازو نہ کڙڪائي، بلڪ پاڻ ان جي ٻاهر اچڻ جو انتظار ڪري. (8) (ان کي پنهنجي طرفان ڪنهن قسم جي اَذيت نہ پهچڻ ڏئي جو) جنهن کان ان جي اُستاد کي ڪنهن قسم جي اَذِيت پهچي، هو علم جي برڪات کان محروم رهندو. (فتاويٰ رضويه، ج٢٣، ص٦ ٣٧، ٦٣٨ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُستاد رُوحاني پيءُ جو درجو رکي ٿو، تنهنڪري شاگرد کي گھرجي تہ ان جي آداب جو لحاظ رکندي پنهنجي اُستاد کان علم حاصل ڪري. تفسير ڪبير ۾ آهي: اُستاد پنهنجي شاگرد جي حق ۾ ماء پيءِ

ڪان وڌيڪ شفيق (مهربان) هوندو آهي ڇوته والدين ان کي دنيا جي باھ ۽ مصيبتن کان بچائن ٿا جڏهن ته استاد ان کي دوزخ جي باھ ۽ آخرت جي مصيبتن کان بچائن ٿا. (تفسير ڪبير ،ج١،ص ۴۰۱)

ادب اُستادِ دینی کا مجھے آقا عطا کردو
دل و جاں سے کروں ان کی اطاعت یَارَسُوْلَ الله
(وسائلِ بخشش،ص331)

## وڏي ڀاءُ جو احتِرام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري دِين اسلام اسان کي پنهنجن وڏن جو احترام سکائي انهن جي مٿي تي عزّت ۽ عظمت جو تاج سجايو، اسان جي وڏن ۾ وڏي ڀاءُ جو مقام ۽ مرتبو به تعظيم لائق آهي. وڏي ڀاءُ جي دل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ننڍن ڀينرن ڀائرن جي لاءِ والد جهڙي شفقت ۽ مَحَبَّت رکي ويندي آهي. وڏو ڀاءُ والد جي موجُودگي ۾ ته ننڍن جو خيال رکندو آهي، انهن جي ضرورتن کي پُورو ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن والد جو شفقت ڀريو سايو کڄي وڃي ته بعد ۾ به پنهنجون ذِمّيداريون چڱي طريقي سان نڀائيندو آهي، وڏي ڀاءُ جا ايترا احسان هن ڳالھ جي تقاضا ڪندا آهن ته اسان به انهن جو ادب ڪيون، انهن جي عزّت ۽ قدر ڪندي انهن جي شان مطابق مرتبو ۽ مقام ڏيون، والِدَين جي غيرمَوجُودگي ۾ انهن کي پنهنجي والدين جو مرتبو ڏيون ، نہ تہ انهن کي پنهنجو سرپرست سمجهون، انهن جي غيبت، چُغلي ۽ انهن جي باري ۾بدگمانين کان بچون. حتّي الامڪان انهن جي جائز خواهشن ۽ اَحڪامن جي تڪميل ڪيون، هميشہ انهن سان سٺا تعلّقات قائم رکون ۽ جيڪڏهن ڪڏهن رنجش ٿي وڃي تہ پاڻ وڏي ڀاءُ کان معافي گهرون ۽ انهن کي راضي ڪرڻ جي لاءِ جيتري قدر ممڪن ٿئي ڪوشش ڪيون.

## وڏي ڀاءُ سان سٺو سلوڪ ڪيو

حضرت سَيِدُنا جَرِير بن حازِم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا تہ مون هڪ ڀيري خواب ڏٺو تہ منهنجو مٿو منهنجي هٿن ۾ آهي،ان جي تعبير ڄاڻڻ جي لاءِ مون پنهنجو هي خواب حضرت امام اِبْنِ سيرين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کي ٻڌايو ( جيڪي خوابن جو تعبير ٻڌائڻ ۾ ڪافي مهارت رکندا هئا) اُنهن مون کان پڇيو تہ توهان جي والدين مان ڪو زنده آهي؟ مون چيو:جي نہ، تہ اُنهن ارشاد فرمايو: توهان جو ڪو وڏو ڀاءُ آهي ؟ مون چيو: جي ها، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جن ارشاد فرمايو: ان جي مُعاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا رهو، ان سان حُسنِ سُلُوڪ وارو ورتاءُ ڪريو ۽ قطع تعلّقي کان پاسو ڪيو. (شعب الايمان ،۶/۲۱۰، حديث:۷۹۲۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ وڏي ڀاءُ جو مقام ادب ۽ اِحترام جي لحاظ کان پيءُ جهڙو هوندو آهي. پر وڏي ڀاءُ کي بہ گهرجي تہ پنهنجون فضيلتون ٻڌي هرگز هرگز هي ذِهن نہ بنائي تہ صرف ننڍا ئي منهنجي عزّت ڪن، مان چاهي انهن سان سخت لهجي ۾ ڳالهايان، انهن کي جڏهن چاهيان سيني جي سامهون ذليل ڪيان، ڪو غلطي ڪن تہ گار گند مار ڪٽ ڪيان، هروقت پنهنجو رُعب ۽ دَبدَبو قائم رکڻ جي لاءِ اکيون ڏيکاريان. ياد رکو! اسلام هر هڪ جا حُقُوق ۽ آداب بيان ڪيا آهن، جتي ننڍن کي حڪم ڏنو تہ پنهنجن وڏن جو ادب ڪن، اتي وڏن کي بہ حڪم ڏنو تہ اهي بہ ننڍن سان شَفقت ۽ مَحبَّت جو ورتاءُ ڪن. هن باري ۾ بہ (2) فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو:

1. لَيسَ مِنَّا مَنْ لَّمْ يَرحَمْ صَغِيرَنَا وَيوَقِّرْ كَبِيرَنَا وَيعْرِفُ لَنَا حَقَّنَا يعني جيڪو اسان جي ننڍن تي رحم نہ ڪري، اسان جي وڏن جي عزّت نہ ڪري ۽ مُسلمان جو حق نہ ڄاڻي، اهو اسان مان ناهي. (المعجم الكبير،۱۱/ ۳۵۵، حديث:۱۲۲۷٦)

2. وڏن جي عزّت ڪريو، ننڍن تي رحم ڪريو مان ۽ توهان قيامت ۾ هيئن ايندا سين. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن آڱرين کي گڏ ملايو. (المطالب العاليه،کتاب الرقاق،باب الوصايا النافعة، ٧/ ٥٧٠ حديث:٣١٤٣)

بڑے جتنے بھی ہیں گھر میں ادب کرتا ہوں سب کا
کروں چھوٹے بہن بھائی پہ شفقت یارَسُوْلَ الله
(وسائلِ بخشش،ص331)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”مدني دؤرو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وڏن جو ادب ڪرڻ، ننڍن تي شَفقت ڪرڻ، پنهنجي زندگي سُنَّتن جي مُطابق گذارڻ ۽ گُناهن کان بچڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”مدني دَؤرو“ بہ آهي. نيڪي جي دعوت ڏيڻ تہ اهڙو اَهمّ فريضو آهي جو تمام ئي اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بلڪ خُود سيدُ الانبياء، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بہ انهيء مَقصَد جي لاءِ دنيا ۾ موڪليا ويا، ان مُقدَّس هستين ڪوڙ ساريون مُشڪلاتون ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ جي باوجود بہ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ جي هن عظيم فريضي کي نہ ڇڏيو. علّامہ زُرقاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه شرح مواهب ۾ فرمائن ٿا تہ خاص ڪري حج جي زماني ۾ حضور نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادتِ مُبارَڪ هئي تہ جڏهن عرب وارا پري پري کان ايندڙ قبيلا مڪي ۾ گڏ ٿيندا هئا، تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام قبيلن ۾ دَؤرو فرمائي ماڻهن کي اِسلام جي دعوت ڏيندا هئا. اهڙي طرح عرب ۾ وقتاً فوقتاً ڪيئي ميلا لڳندا هئا، جنهن ۾ پري پري کان عرب جا قبيلا گڏ ٿيندا هئا، انهن ميلن

۾ به پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسلام جي تبليغ جي لاءِ تشريف ڪٽي ويندا هئا. (شرح المواهب، ذكر عرض المصطفٰى...الخ،٧٣/٢ ملخصاً) اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي به اَنبياء ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سَيدُالاَنبيا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن پياري پياري سُنّت تي عمل ڪرڻ جي لاءِ هر هفتي ”مدني دَوري“ ۾ شرڪت ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ٿو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني دَوري جي برڪت سان مسجد ۾ نمازين جو تعداد وڌي ويندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيو آهي ته مدني دَوري جي ذريعي مُعاشري جا بگڙيل اَفراد، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي صلوٰة ۽ سُنَّت تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي ويا، تنهنڪري اسان کي به وَقت ڪڍي هن عظيم مدني ڪم ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺڻ گهرجي. اچو! هاڻي بيندِ باجي کان توبه ڪرڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مَدَني بهار پڙهون ٿا، جيئن

## مشهور بيند پارٽي جي مالڪ جي توبه

مَند سُور شهر (M.P. هِنْد) جي هڪ نوجوان جي بيند باجي جي پارٽي پنهنجي شهر جي مشهور بيند پارٽي سمجهي ويندي هئي. هڪ مبلّغ دعوتِ اسلامي جي اِنفِرادي ڪوشِش جي نتيجي ۾ ان آخِري عشره رَمَضَانُ المُبارَڪ 1426ه ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ اعتِڪاف ڪيو. تربيتي حلقن ۾ گناهن جون تباه ڪاريون ٻڌي ان جي دل تي اثر ٿيو. عاشقانِ رسول جي صحبت رنگ لاٿو، ان اڳوڻن گناهن کان توبه ڪري ورتي، ڏاڙهي سجائڻ ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ 1 مهيني جي مَدَني قافِلي ۾ سفر تي وڃڻ جي نيت ڪئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن بيند باجي وڄائڻ جو گناهن ڀريو حرام روزگار ڇڏي ڏنو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس مڪتبةُ المدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ چاهيون ٿا تہ اسان جو اَولاد باادب بڻجي اسان جي نَجات جو ذريعو بڻجي تہ اڄ ئي ڪان پنهنجن ٻارن جي مدني تربيت شُروع ڪري ڇڏيو ۽ اَولاد جي دُرُست مدني تَربِيت ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو نهايت ئي پيارو ڪتاب "تربيتِ اولاد" ۽ رسالو "اولاد جا حق" هديةً حاصل ڪري ان جو مُطالعو ڪريو. مڪتبةُ المدينہ دعوتِ اسلامي جو هڪ اشاعتي اِدارو آهي جيڪو سڄي دنيا تائين عِلمِ دِين جي روشني ڦهلائڻ جي لاءِ بي شُمار ڪتاب ۽ رسالا، سُنّتن ڀريا بيان ۽ مدني مُذاڪرن جون لکين لک ڪيسٽون ۽ وي سي ڊيز (VCDs) سڄي دنيا ۾ پهچائي رهيو آهي. تمام عاشقانِ رسول هر هفتيوار اجتماع ڪان بعد مڪتبة المدينہ تان ڪجهہ نہ ڪجهہ خريداري ضرور ڪن، گهٽ مان گهٽ هڪ رِسالو ئي خريد ڪيو وڃي، ڀهريان پاڻ بہ ان جو مطالعو ڪيو، پوءِ ڪنهن ٻي ڪي پڙهڻ جي لاءِ ڏئي ڇڏيو، ان سان پنهنجي علمِ دِين ۾ بہ اضافو ٿيندو ۽ ٻين تائين نيڪي جي دعوت پهچائڻ جو سلسلہ بہ جاري رهندو. جيڪڏهن "ماهنامہ فيضانِ مدينہ" جي ترڪيب ڪري وٺو تہ گهر ۾ مدني ماحول بنائڻ ۾ مدد ملندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سمورن شعبن ۽ ګڏوګڏ مڪتبةُ المدينہ کي ڏينهن رات وڌ کان وڌ تَرقّي عطا فرمائي.اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رشتيدارن جو احترام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام والدين، استاد سڳورن، وڏن ڀيڻ ڀائرن، پيرو مرشد ۽ ٻين بزرگن سان ګڏوګڏ قريبي رشتيدارن جا حقوق ۽ آداب بہ بيان

ڪيا آهن، قريبي رشتيدارن سان تعلُّقات عموماً والدين جي سبب ٿيندا آهن ۽ انهن رشتيدارن سان حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ بہ چڱ تہ والدين جي ادب ۽ احترام جي هڪ صورت آهي. رشتيدارن جي احترام جي لاءِ اهو ئي ضروري ناهي تہ انهن جي اڳيان نگاهون جهڪايون وڃن، هٿ چُميا وڃن بلڪ انهن سان صِلہ رحمي ڪرڻ، قطع تعلقي کان پاسو ڪرڻ بہ رشتيدارن جو احترام چيو ويندو آهي.

## صِلہءِ رحمي جو قرآني حڪم

الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 4سُوْرَۃُ النِّسآء جي آيت نمبر1 ۾ رِشتيدارن جا حق ادا ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَیْكُمْ رَقِیْبًا

(پاره:۴، النساء:۱)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي سوال ڪندا آهيو ۽ رشتن جو لحاظ رکو. بيشڪ الله توهان ڪي هر وقت ڏِسي رهيو آهي.

مُفسّرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت مُفْتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ هن آيتِ سڳوري جي تحت فرمائن ٿا: مسلمانن تي جيئن نماز، روزو حج زڪوٰة وغيره ضروري آهي، اهڙي طرح عزيزن جا حق ادا ڪرڻ بہ نهايت ضروري آهن، وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا: پنهنجن عزيزن، قريبن سان سنو ورتاء نهايت فائديمند آهي، دنيا ۾ بہ آخرت ۾ بہ ان سان زندگي، موت آخرت سڀ نهي ويندي آهي. (تفسيرِ نعيمي ، ج۴، ص۴۵۶،۴۵۵)

رشتيدارن سان حُسنِ سُلُوڪ جون مختلف صُورتون هي آهن

صَدْرُ الشَّريعہ،بدْرُ الطَّريقہ حضرت علاّمہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: سموري اُمّت جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ صلہءِ رحم واجب ۽ قطع رحم حرام آهي. حديثن ۾ بہ بنا ڪنهن قيد جي رشتيدارن

سان سٺي سلوڪ ڪرڻ جو حڪم آيو آهي، قرآن شريف ۾ بہ بنا ڪنهن قيد جي ذِوِي القُربيٰ (يعني قرابت وارو) فرمايو ويو مزيد فرمائن ٿا تہ رشتيدار سان سٺي سلوڪ جون مختلف صورتون آهن، انهن کي هديو ۽ تحفو ڏيڻ ۽ جيڪڏهن ان کي ڪنهن ڳالهہ ۾ توهان جي اِعانت (يعني مدد) درڪار هجي تہ ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، انهن سان مهرباني سان پيش اچڻ. جيڪڏهن هي شخص پرديس ۾ هجي تہ رشتيدارن وٽ خط موڪلي، انهن سان خط ۽ ڪتابت جاري رکي تہ جيئن بي تعلقي پيدا نہ ٿئي، ۽ ممڪن هجي تہ وطن اچي ۽ رشتيدارن سان ملي ڪري تعلق تازو ڪري، ائين ڪرڻ سان محبت ۾ اضافو ٿيندو (اڄڪلهہ جيئن تہ خط لکڻ جو رواج تمام گهٽ آهي ان ڪري فون يا انٽرنيٽ جي ذريعي بہ رابطي جي ترڪيب بڻائي سگهجي ٿي، چاڪاڻ تہ مقصد پاڻ ۾ لاڳاپن کي برقرار رکڻ آهي، چاهي ڪنهن بہ جائز طريقي سان رکجن) (بهار شريعت،۵۵۸/۳ ، حصه۱۶ملخصاً)

## صلہ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا

حضرت سيدنا فقيہ ابوالليث سمرقندي رَحْمَةُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: صلہ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا آهن: ۞ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ٿيندي آهي ۞ ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي ۞ ملائڪن کي خوشي ٿيندي آهي ۞ مسلمانن طرفان ان شخص جي واکاڻ ٿيندي آهي ۞ شيطان کي انهي سبب رنج ٿيندو آهي ۞ عمر وڌندي آهي ۞ رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۞ وفات ٿيل آباء و اجداد (يعني مسلمان ماءُ پيءُ) خوش ٿيندا آهن ۞ پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي ۞ وفات ڪان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ڇوتہ ماڻهو ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن. (تَنبيه الغافِلين ص۷۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قريبي رشتن جو احترام ڪرڻ، انهن سان صِلَہ رِحمي

ڪرڻ ۽ هميشہ انهن سان رشتا ڳنڍي رکڻ يقيناً سعادت جو سبب آهي، پر افسوس صد افسوس! اڄڪلھ ڪي ماڻهو يا تہ ڪنهن مجبوري جي ڪري رشتيداري نڀائن ٿا يا وري ان رشتي کي ڪنهن مطلب جي ڪري قائم رکن ٿا، بعض نادان مسلمان ذاتي سببن جي ڪري يا هرويرو پنهنجن رشتيدارن سان ناراض ٿي ڪيئي ڪيئي سالن تائين هڪ ٻئي سان ملڻ پسند ناهن ڪندا، جيڪڏهن ڪنهن موقعي تي آمهون سامهون آيا بہ تہ هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ بہ نٿا چاهن ۽ بعض تہ هي بہ چوندا آهن تہ جيڪو اسان سان سٺو اسان ان سان سٺا ۽ جيڪو اسان سان بُرو اسان بہ ان سان بُرا آهيون. اهو ئي سبب آهي تہ ڪي ماڻهو شادي ۽ ٻين تقريبن ۾ اُنهي رشتيدارن کي دعوت ڏيندا آهن جيڪي انهن کي دعوت ڏيندا آهن يا انهن سان ڪو مَفاد وابستہ هجي، ان جي ابتڙ جيڪي رشتيدار انهن جي ڪم نٿا اچن، يا ويچارا غُربت ۽ اَفلاس جي ڪري اُنهن کي پاڻ وٽ نٿا سڏين، تہ اهڙن کي پنهنجي تَقريب ۾ سڏڻ تہ پري جي ڳالھ انهن سان دُعا سلام جي حد تائين بہ تَعَلُّقات قائم رکڻ انهن کي نٿو وڻي، ائين ئي زڪوٰة جي مُستَحِقّ رشتيدارن کي بہ مسلسل نظر انداز ڪيو ويندو آهي، مطلب تہ رشتيدارن ۾َ هاڻي پهريان جهڙي مَحَبَّت ۽ خُلوص ۽ خَير خواهي جو جذبو ختم ٿيندو نظر اچي پيو جڏهن تہ اسان جي پياري مڪي مدني آقا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ تربيت نشان آهي: پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان قطع تعلّقي نہ ڪريو، پٺي نہ ڦيريو، بُغض نہ رکو، حسد نہ ڪريو ۽ اي بندگانِ خدا! پاڻ ۾ ڀائر ڀاڄي وڃو، ڪنهن مسلمان جي لاءِ جائز ناهي تہ هو پنهنجي ڀاءُ سان ٽن (3) ڏينهن کان وڌيڪ قطع تعلُّق رکي.

(جامع الترمذي، ابواب البر والصلة، باب ماجاء في الحسد،٣/ ٣٧٦، الحديث: ١٩٤٢)

بھائی حق مت مارنا گھر بار کا
ورنہ ہوگا مُسْتَحِق تُو نار کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ زمانو هو تہ هر مسلمان، نهايت باادب ۽ هڪ ٻئي جي عزّت ۽ حُرمت جو پاسدار، حُسنِ اَخلاق جو آئينہ دار، باادب، حَيا دار ۽ سُنّتِ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روشن يادگار هوندو هو. پٽ، ڌيءِ پنهنجي ماءُ پيءُ سان شاگرد ۽ مُريد پنهنجي اُستاد ۽ پير سان اک ملائڻ تہ رهيو پري، سامهون اچڻ کان گهٻرائيندا هئا، گفتگو دوران اکيون جُهڪائيندا هئا، آواز هلڪو رکندا هئا ۽ جيڪو حڪم ٿيندو هو ان کي پورو ڪندا هئا. غير موجودگي ۾ بہ ادب ڪندا هئا ۽ وڏن کي نالن سان نہ لقبن سان ياد ڪندا هئا. مطلب تہ هر وَقت مرتبي ۽ مقام جو لحاظ ۽ وڏي ۽ ننڍي جي تميز برقرار رکندا هئا. پر افسوس! هاڻي اسان مان تقريباً هر هڪ ان مدني اُصُولن کان ناواقف، اَخلاق ۽ آداب سان نا آشنا، شَرِيعَت جي قانونن کان اڻ واقِف، خانداني ۽ مُعاشَرَتي نِظام جي تباهي و بربادي ۾ هڪ ٻئي کان وڌ کان وڌ بي حيائي ۽ بد اَخلاقي جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. پٽ پيءُ کان اکيون اکين ۾ نہ گريبان ۾ هٿ وجهي ڳالهائي رهيو آهي. ڌيءِ ماءُ جو هٿ جيتوڻيڪ نٿي ونڊائي پر ماءُ تي هٿ ضَرور کڻي ٿي. ننڍا آهن بااَخلاق ناهن، وڏا آهن تہ شفيق ناهن، دوست آهن تہ وفادار نہ آهن، پاڙيسري آهن تہ مهربان ناهن، ڌيءِ بد مزاج آهي تہ ماءُ سخت مزاج آهي. شاگرد حيا دار ناهن تہ استاد نيڪ ڪردار نہ آهن. علمِ دين کان محرومي ۽ سٺي صحبت کان دوري جي ڪري نہ والِدَين اولاد جي اسلامي تربيت ڪري رهيا آهن نہ ٻار ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري رهيا آهن. الغرض اسان جون بي ادبيون ۽ بَد لحاظيون آهن جن اسان جي گهريلو ۽ مُعاشرتي زندگي کي تباهہ وبرباد ڪري تَلخ ۽ تُرش بڻائي ڇڏيو. حالانڪ جڏهن اسان پنهنجي بُزرگانِ دِين ۽ صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي مُبارڪ زندگين ڏانهن نگاهہ وجهون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ اهي پنهنجن وڏن جو تمام گهڻو ادب ڪرڻ وارا هئا، جيئن

## پيرومُرشد جو ادب

حضرت علامہ امام ابُو قاسم عبدالڪريم قشيري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نهايت اهتمام سان پنهنجي پيرو مُرشد جي بارگاهہ ۾ حاضري ڏيندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا تہ ابتدائي زماني ۾ جڏهن بہ مان پنهنجي مرشد ڪريم (ابو علي دقاق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه) جي مجلس ۾ وڃڻ جي سعادت حاصل ڪندو هئس تہ ان ڏينهن روزو رکندو هئس پوءِ غسل ڪندو هئس تڏهن مان پنهنجي پيرو مرشد جي مجلس ۾ وڃڻ جي همت ڪندو هئس، ڪيترا ڀيرا تہ ائين بہ ٿيوتہ مدرسي جي دروازي تائين پهچي ويندو هئس پر شرم وچان دروازي ڪان موٽي ايندو هئس ۽ جيڪڏهن جرئت ڪري اندر داخل ٿي بہ ويندو هئس پر جيئن ئي مدرسي جي وچ تائين پهچندو هئس تہ سڄي بدن جي لونءُ ڪاندارجي ويندي هئي. (۽ جسم اهڙو سن ٿي ويندو هو) جو اهڙي حالت ۾ مون کي سئي بہ چُڀي وڃي ها تہ شايد مان محسوس نہ ڪريان ها. (الرسالة القشيرية ، باب الصحبة ، ص ٣٢٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ ڀهريان جا ماڻهو پنهنجي پيرومُرشد جو ڪيتري قدر ادب ۽ اِحترام ڪندا هئا، ڇڻ مُرشد جو ادب انهن جي رڳ رڳ ۾ سَمايل هو، انهن جي ديوانگي وارن واقعن کي پڙهي يا ٻڌي عقل حيران رهجي ويندو آهي تہ ڇا هن طرح بہ پير ومرشد جو ادب ڪري سگهجي ٿو، اهو ئي سبب آهي تہ انهن کي پنهنجي پير و مرشد جو ڀرپور فيض ملندو هو. ياد رکو! پير و مرشد جي تعظيم و توقير ۽ ان جو ادب و احترام ڪرڻ بہ هر مُريد تي لازم آهي، والدين، استاد ۽ وڏي ڀاءُ جو مقام ۽ انهن جي اهميت بہ پنهنجي جڳهہ پر پير و مرشِد اها عظيم شخصيت آهي تہ جنهن جي صحبت جي برڪت سان ايمان جي سلامتي جو ذِهن نصيب ٿيندو آهي، ٻُرن عقيدن جي سڃاڻپ ٿيندي آهي، زندگي جو مقصد معلوم ٿيندو آهي، گُناهن کان بيزاري ۽

نيڪين ۾ رَغبت نصيب ٿيندي آهي، ماڻهن جي دلين ۾ عزّت قائم ٿيندي آهي، باطن جي صفائي ٿيندي آهي، دل ۾ خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ اُجاگر ٿيندو آهي، دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي آهي، مطلب تہ پير و مُرشد جا پنهنجي مُريدن تي بي شمار اِحسان هوندا آهن، تنهنڪري جيڪڏهن ڪو خوش نصيب ڪامل مرشِد جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي مُريد ٿيڻ جي سعادت ملي، تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي مرشِد کان فيض ماڻڻ جي لاءِ اَدَب جو پيڪر بڻجي رهي. جيڪي مُريد دل ۽ جان سان پنهنجي پير و مرشد جو ادب ڪن ٿا، انهن جي آداب ۽ حُقُوق ۾ ڪوتاهي نٿا ڪن تہ اهڙا سعادت مند مُريد ئي ترقي جون منزلون طي ڪندا آهن ۽ پير و مرشد جا پيارا، محبوب ۽ منظورِ نظر بڻجي اُڀرندا آهن ، پير و مرشد جا احسان ۽ حقوق ڪيتري قدر گهڻا آهن ۽ انهن جو ادب و احترام ڪيترو ضروري آهي، ان جو اندازو بزرگانِ دين جي هنن ارشادن سان لڳايو، جيئن

حضرت ذُوالنُّون مِصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ، جڏهن ڪو مُريد اَدَب جو خيال نٿو رکي، تہ اهو موٽي اتي پهچي ويندو آهي، جتان کان هليو هو. (رساله قشيريه، باب الادب ، ص ٣١٩)

حضرت خواجہ قُطبُ الدِّين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کان جڏهن اهو عرض ڪيو ويو تہ پير جو مريد تي ڪيتري قدر حق آهي؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن ڪو مُريد سڄي عمر حج جي راهہ ۾ پِير کي مٿي تي کڻي تہ بہ پير جو حق اَدا نٿو ٿي سگهي. (هشت بهشت، ص ٣٩٧)

حضرت سَيدُنا امام عبدُ الوهاب شعراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: مُريد جو شان هي آهي تہ ڪڏهن بہ ان جي دل ۾ اهو خيال پيدا نہ ٿئي تہ ان پنهنجي مُرشِد جي احسانن جو بدلو لاهي ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ پنهنجي مرشِد جي هزار سال

خدمت ڪري ۽ ان تي لکين روپيا بہ خرچ ڪري ڇوتہ جنهن مُريد جي دل ۾ ايتري خدمت ۽ ايتري خرچ جي بعد اهو خيال آيو تہ ان مُرشِد جو ڪجهہ حق اَدا ڪيو آهي تہ هو راهِ طريقت کان نڪري ويندو يعني پير جي فيض کان ان جو ڪو تعلق باقي نہ رهندو. (الانوار القدسية، الجزء الثاني، ص ٢٧)

مُطیع اپنے مرشِد کا مجھ کو بنادے
میں ہو جاؤں ان پر فدا یاالٰہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ مُرشد جو ادب ۽ اِحترام ڪيتري وڏي نعمت آهي جو جنهن کي اها نعمت نصيب ٿي ويندي آهي ان جا ڀاڳ کلي ويندا آهن، مَوْجُوده زماني ۾ جيڪڏهن اوهان ڪنهن باادب مُريد جو مقام ڏسڻ چاهيو ٿا تہ شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مَوْلانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بابرڪات ذات اسان جي اڳيان آهي تہ جن پنهنجي پير ومُرشد سيدي قطبِ مدينہ حضرت علامہ مولانا ضياءُ الدِّين احمد مدني قادري رضوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ۽ اِمام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه سان بہ عقيدت ۽ محبت ڪئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي ايتري قدر نوازيو جو اڄ سڄي دنيا ۾ سندن شهرت جي ڌوم مچيل آهي.

دُنیا بھر میں فضلِ ربّ سے چرچے ہیں عطار کے
بڑے بڑے گُن گاتے ہیں ان کے سُتھرے کِردار کے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ چاهيون ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا پيارا رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کان راضي رهن، اسان پنهنجي پيرو مُرشد جا محبوب ۽ منظورِ نظر بڻجي وڃون تہ اسان کي بہ ادب جو دامن مضبوطي سان

www.dawateislami.net

پڪڙڻو پوندو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ڪاميابي اسان جا قدم چمندي.

سدا پیر و مرشد رہیں مجھ سے راضی　　کبھی بھی نہ ہوں یہ خفا یاالٰہی
بنادے مجھے ایک در کا بنادے　　میں ہر دم رہوں باوفا یاالٰہی

## مدني انعام نمبر 7 جي ترغيب

شيخِ طريقت ،امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه نه صرف پاڻ باادب ۽ پاڪيزه ڪردار جا مالڪ آهن بلڪ پاڻ مسلمانن ڪي به ادب ۽ اِحترام سيکارڻ جي لاءِ هڪ رسالو ”احترامِ مسلم“ جي نالي سان تحرير ڪيو آهي، پاڻ هن پُرفِتَن دور ۾ مسلمانن ڪي باعمل بنائڻ سان گڏوگڏ باادب بنائڻ جي لاءِ شريعت وطريقت جو جامع مجموعو بنام ”72 مَدَني اِنعامات“ سُوالات جي صورت ۾ عطا فرمايو آهي. هن رسالي جي مدني انعام نمبر7 ۾ آهي”توهان اڄ (گهر ۾ ۽ ٻاهر به) هر ننڍي وڏي ايتري تائين جو والده (۽ جيڪڏهن ٻار هجن ته انهن ڪي ۽ انهن جي ماءُ ڪي) تون چئي مخاطب ڪيو يا توهان چئي ڪري؟ ۽ هر هڪ سان گفتگو جي دوران هون چئي ڪري ڳالهايو يا جي چئي ڪري؟ (”توهان“ چوڻ ۽ ”جي“ چوڻ صحيح جواب آهي)“

اسان ڪي به گهرجي ته هن مدني انعام تي عمل ڪندي هر هڪ سان ادب سان گفتگو ڪيون، اَبي تبي، تُوتُڪار ۽ بازاري لهجي سان نه گهروارن سان ڳالهه ڪيون ۽ نه گهر کان ٻاهر، ڏنو ويو آهي ته ڪي ماڻهو ٻاهر ته وڏي حُسنِ اَخلاق جا پيڪر بڻجي ۽ جي سائين سان ڳالهه ڪندا آهن پر جيئن گهر ۾ قدم رکيو ”شيرِ ببر“ جيان گجگوڙ ڪندا، خوب تُون تُڪار ۽ دل آزار گفتگو ڪندا آهن بلڪ مار ڪٽ تائين ڪان به نه ڪيٻائيندا آهن ، اهڙن ماڻهن ڪي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمان پنهنجي ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي.

خاتَمُ الْمُرْسَلين،رَحمَةٌ لِّلْعٰلَمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي:

خَيرُكمْ خَيرُكمْ لِنِسَائِهٖ وَلِبَنَاتِهٖ يعني توهان مان سڀ کان بهترين اهو آهي جيڪو پنهنجي عورتن ۽ نياڻين سان سٺو هجي.
(شعب الايمان ،باب في حقوق الأولاد والأهلين،۴۱۵/۶ ، حديث :۸۷۲۰)

مشهور مُفسِّر قرآن، حڪيمُ الْاُمَّت حضرت ِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: وڏو خليق (يعني چڱي اخلاق وارو) هو آهي، جيڪو پنهنجي گهر واري ،ٻارن سان خليق هجي جو انهن سان هر وَقت ڪم رهي ٿو، اجنبي ماڻهن کان خليق هئڻ ڪمال ناهي جو انهن سان ملاقات ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي آهي. (مرأة المناجيح ، ۹۶/۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَدَني اِنعامات جو اهو عظيم تحفو اسان جي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ هڪ بهترين ذريعو آهي، ان تي عمل پيرا ٿي اسان پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش جو عظيم جذبو ماڻي سگهون ٿا، ۽ تنهائي ۾ مَدَني اِنعامات جي رسالي کي کولي ان ۾ ڏنل سُوالن جي جوابن ۾ ڀاڻ ئي ”ها“ يا ”نا“ جي ذريعي پنهنجي عملن جو چڱي يا بُري هئڻ جو جائزو وٺندي پنهنجي غلَطين کي سُڌاري سگهون ٿا. جڻ هي مَدَني اِنعامات اسان کي روزانو پنهنجي قائم ڪيل خُود اِحتِسابي جي عدالت ۾ حاضر ڪري اسان جي ئي ضمير کان فيصلو ڪرائن ٿا ۽ اسان کي پنهنجي اِصْلاح ۽ نَجات جو موقعو فراهم ڪن ٿا. حقيقت ۾ اهي مَدَني اِنعامات جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارا ۽ جَهنَّم کان بچائڻ وارن عملن جي ترغيب جو مجموعو آهن. جڻ شيخِ طريقت،اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه اسان جي عملي بدحالي مُلاحظ ڪندي اسان جي اِصلاح جو هڪ خوبصورت طريقو اِختيار ڪيو، تہ جيئن اسان روزانو وقت مُقَرَّر ڪري فڪرِ مدينہ تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون. اهو ئي سبب آهي تہ بي شمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽

شاگرد روزانو سمهڻ کان پهريان ”فڪرِ مدينہ“ ڪندي مَدَني اِنعامات جي رسالي ۾ ڏنل خانا ڀريندا آهن، جنهن جي برڪت سان نيڪ بڻجڻ ۽ گُناهن کان بچڻ جي راهہ ۾ حائل رُڪاوٽون الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضل ۽ ڪرم سان آهستہ آهستہ پري ٿينديون وينديون آهن، پابند سُنّت بڻجڻ، گُناهن کان نَفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حِفاظت جي لاءِ تڙپڻ جو ذِهن بہ بڻجندو آهي.

مَدَنی اِنعامات کی بھی مرحَبا کیا بات ہے
قُربِ حَق کے طالبوں کے واسطے سَوغات ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وڏن جو احترام ڪرڻ ۽ ننڍن تي شفقت ڪرڻ، قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ هڪ بهترين عادت آهي.

وڏن جو ادب ڪرڻ واري کي معاشري ۾ بہ عزّت جي نگاهن سان ڏٺو ويندو آهي.

اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جو عمل بہ ان ڳالهہ ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو تہ اسان هميشہ پنهنجن وڏن جو احترام ۽ ننڍن تي شفقت ڪيون.

وڏن جو احترام ڪرڻ انسان جي سُٺري ڪردار ۽ والدين جي سٺي تربيت جو نتيجو آهي.

وڏن جو احترام ڪرڻ جنت ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي.

اچو! اسان سڀ بہ نيت ڪيون ٿا تہ اڄ کان پنهنجي والدين جي عزّت ڪنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. وڏن ڀيڻ ڀائرن جو بہ احترام ڪنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. پنهنجي استادن جي تعظيم ڪندا رهنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ... ننڍن تي رُعب ويهارڻ جي بدران انهن سان شفقت ومَحَبّت سان پيش ايندا سين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ...

الله عَزَّ وَجَلَّ اسان سيني کي پنهنجن وڏن جو ادب ۽ اِحْترام ڪرڻ ۽ پنهنجن ننڍن سان شفقت و مَحَبَّت سان پيش اچڻ جي تو فيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## جتي پائڻ بابت سُنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو شيخِ طريقت، امير اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان ”چل مدينہ“ جي ست اکرن جي نسبت سان جتي پائڻ جا 7 مَدَني گل ٻڌون ٿا.فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:(1) جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان کي جيستائين جتي پاتل هوندي آهي ڄڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مُسلِم ص١١٦١ حديث٢٠٩٦) ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين چنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي ﴿3﴾ پهرين ساڄو چپل پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ وقت پهرين کابو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪوچپل پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کابي کان ابتدا ڪرڻ

گهرجي ته جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بُخاري ج ۴ ص ۶۵ حديث۵۸۵۵) ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو چپل استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيّدتُنَا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) چپل پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي. (اَبُو دَاوٗد ج۴ ص ۸۴ حديث ۴۰۹۹) ﴿6﴾ جڏهن ويهو ته جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو. ﴿7﴾ (تنگدستي جو هڪ سبب هي به آهي ته) اونڌي جوتي کي ڏسي ۽ ان کي سڌو نه ڪري. ”دولت بي زوال“ ۾ لکيل آهي ته سجي رات جُتي اُبتي پيل رهي ته شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي هن جو تخت آهي. (سني بهشتي زيور حصه ۵ ص۶۰۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر سُنَّتیں سیکھیں گے اس میں اِنْ شَاءَ الله سر بسر
تیس تیس اور بارہ بارہ دن کے مدنی قافلے میں سفر کرتے رہو جب بھی تمہیں موقع ملے

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ

الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَهٔ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.(3)

---

1 ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2 ...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

3 ...القول البديع،الباب الاول،ص125

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[3] … تاريخ ابنِ عساكر،١٥٥/١٩،حديث:۴۴۱۵